سعيد سميجو

# استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ جمالياتي نُدرتون

***Abstract:***

**Aesthetic features in Ustad Bukhari`s poetry**

*The Modern poet Ustad Bukhari was known as versatile common poet of Sindhi poetry. He Has Introduce simple diction and style in his poetry. Basically he was a public poet but at the same time his expression of creative writing was amazing. This research paper attempts to present a research study of the important elements of aesthetics in the poetry of Ustad Bukhari. Specifically, this research paper presents the aesthetics of nature, the aesthetics of the body, the aesthetics of female decoration, the aesthetics of pain And an attempt has been made to prove how Ustad Bukhari has refined "Aesthetics" and its forms in his poetry.*

*Ustad Bukhari was the most popular poet among his contemporary poets. He was not only representative poet of simple poetry but also a prose writer.  Ustad Bukhari is the only poet who has published many books of sindhi poetry. In This Research Paper, Only the various aesthetic features present in Ustad Bukhari poetry will be discussed.*

**انسان** ازل کان وٽي پنهنجي خيالن ۽ احساسن جو خوبصورت اظهار هميشہ شاعريءَ ۾ پئي ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ شاعري نہ رڳو انسان جي داخلي بلڪ اها انسان جي ظاهري مسئلن جي اظهار جو مڪمل ذريعو رهي آهي. شاعريءَ ۾ جيڪي بہ سماجي موضوع زيرِ غور ايندا آهن. اهي شاعريءَ جي حقيقي آئيني کي اُجاگر ڪندا آهن. پر شاعري رڳو سماجي مسئلن جي اُپٽار بہ نہ ٿي ڪري، شاعري تہ هڪڙو وڏو جهانُ آهي. شاعريءَ جي ڪائنات ۾ ڪيئي جمالياتي عڪسبنديون آهن. جيڪي شاعر پنهنجي وسيع شعور جي اک سان پَسي ۽ پوءِ انهن جي رنگت کي اظهاري ٿو.

هونئن تہ شاعر وٽ ڪيئي خوبصورت موضوع هوندا آهن، پر انهن خوبصورت موضوعن منجهان ’جماليات‘ سڀ کان اهم آهي. جماليات صرف حسن، سونهن، سندرتا ۽ خوبصورتيءَ جو ئي نالو ڪونهي، پر جماليات هڪڙي علم ۽ هڪڙي سائنس جو نالو آهي. جنهن ۾ سونهن ۽ خوبصورتيءَ جي سمورن عنصرن جو گهرو اڀياس ڪيو وڃي ٿو.

سنڌي شاعريءَ جو ڪلاسيڪل دور تہ جماليات جي عنصرن سان ڀريو پيو آهي، مگر جديد شاعريءَ بہ ان معاملي ۾ پُٺتي ناهي. جيئن ڪلاسيڪل شاعريءَ جي جمالياتي روايت ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهہ لطف الله قادري، ميون شاهہ عنات رضوي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙا اهم شاعر ملن ٿا. تيئن جديد شاعريءَ جي جمالياتي روايت ۾ بہ ڪشچند بيوس، عبدالڪريم گدائي، مير عبدالحسين سانگي، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز تنوير عباسي، شمشيرالحيدري ۽ استاد بخاريءَ جهڙا شاعر ملن ٿا. جيئن ڪلاسيڪل شاعرن ۾ هڪڙي ڊگهي فهرست آهي، تيئن ئي جديد شاعرن جي بہ هڪڙي ڊگهي فهرست موجود آهي. پر انهن سڀني اهم شاعرن مان چند اهم شاعر آهن، جن جي شاعريءَ ۾ جمالياتي خصوصيتون جهجهي مقدار ۾ ملن ٿيون. اهڙن ئي اهم شاعرن جي صِف ۾ ’استاد بخاري‘ ويهين صديءَ جو ميجيل شاعر ملي ٿو. جڏهن تہ استاد بخاريءَ تي شيخ اياز جي مقابلي ۾ گهٽ ئي تحقيقي ڪم ٿيو آهي.

استاد بخاري پنهنجي همعصر دور وارن شاعرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مشهور شاعر رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن رڳو عوامي اسلوب ۾ پنهنجو شعر لکيو، پر استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي گهڻا ئي نوان موضوع ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن ۾ جماليات، فطرت نگاري، رومانويت، تصوف، وطن پرستي، ماورائيت، محبت، عشق، پيار، وڇوڙو، هجر فراق، درد، ڏک، وصال، ميلاپ، سماجي مسئلا ۽ ترقي پسند فڪر وغيره شامل آهن.

هونئن ته استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيترا ئي اڻ ڇُهيا موضوع زيرِ تحقيق آهن. بلڪ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ تي صحيح معنيٰ يا صحيح انداز ۾ تحقيق ٿي ئي ڪانهي. ان سبب جي ڪري ئي استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيترا ئي اهم موضوع زيرِ التويٰ پيل آهن. جن تي سنجيده انداز ۾ تحقيق جي گهرج آهي. ان ئي ڏس ۾ مون استاد بخاريءَ جي ڪيترن ئي اهم موضوعن منجهان صرف هڪ موضوع جو تحقيقي اڀياس پيش ڪرڻ جي جسارت ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات جا سمورا رنگ موجود آهن. ان باري ۾ علي دوست عاجز ڪتاب 'ڏوڙ دل تي درد جي' جي مقدمي ۾ استاد بخاريءَ جي جماليات لاءِ لکي ٿو:

"استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ سمورو جمالياتي پهلو جرڪي ٿو پوي."[(1)]

جماليات هڪ ڏکيو ۽ دلچسپ موضوع رهيو آهي. جنهن جو سڌو سنئون تعلق فلسفي سان آهي. جماليات جي موضوع تي دنيا اندر ڪيترا ئي ڪتاب، ايم فل ۽ پي ايچ ڊيز  جا تحقيقي مقالا موجود آهن. تنهن ڪري هن مقالي ۾ اسين جماليات جي تشريح ۽ وضاحت ۾ نه ويندا سين. پر مختصر ايترو ته جماليات بنيادي طو تي حسن، سونهن، سندرتا ۽ خوبصورتيءَ جي علم يا ان جي عمل ۾ ايندڙ عنصرن جو ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ ڪي چئبو آهي.

اهڙي طرح جماليات جون ڪيئي وصفون مختلف عالمن ۽ محققن پاران اينديون رهن ٿيون، جيڪي جماليات جي فلسفي کي سمجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن ٿا.

هن مقالي ۾ اسين صرف استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات جي مختلف نُدرتن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ، جماليات جي چند اهم قسمن کي شامل ڪري استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ جمالياتي نُدرتن جو تحقيقي اڀياس ڪنداسين.

ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين فطرت جي جماليات تي هڪ نظر وجهون ٿا. جيڪا جماليات جي سيني قسمن مان اهم قسم آهي.

### استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت جي جماليات:

شاعريءَ ۾ فطرت جو گهرو مقصد هوندو آهي، ان ۾ فطرت جي عڪاسي، ان جي مختلف مظهرن جي پيشڪش ۽ خاص طور تي هڪ تخليقي شاهڪار اندر قدرتي ماحول ۽ ڪائنات جو وجود جيڪو شاعر پنهنجي آس پاس جي ماحول ۽ قدرتي منظرن منجهان ڪي نظارا ڪٺي، انهن جي شاعريءَ اندر عڪاسي ڪري، انهن کي حسن ۽ زندگي بخشي ٿو. جنهن کي پوءِ 'فطرت جي جماليات' چئجي ٿو.

فطرت جي جماليات ۾ آسماني نظارا (يعني سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر، ڪنوڻون، جهڙ ڦڙ) توڙي زمين تي نظر اينڌڙ منظر (وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، جبل، سمنڊ، درياهه، نديون، جانور، ڍنڍون، پکي، پکڻ، جيت جڻيا) سڀ شاعريءَ ۾ فطرت جا عڪاس ٿيندا آهن.

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو ته، سندس شاعري 'فطرت جي جماليات' سان پڻ مالا مال نظر اچي ٿي. هُن جي شاعريءَ ۾ ڪيئي فطرتي خوبيون ۽ خوبصورتيون موجود آهن. جيئن:

ڪڪريون حسين چِلڪڻا تارا گهڻ لڳيون،  
ڦولهار چڻ ته سرنهن جي، ٻڪريون چري ويون.  
هي ڪائنات آهي ڪوئاري، هَري هَري،  
سورج هٽان رَجهي رَجهي صديون ڳري ويون.[(2)]

هي آسمان جو دلفريب منظر آهي، هن شعر جو اهم نُڪتو هڪ تہ اهو فطرتي جماليات آهي، جيڪو استاد بخاري خوبصورتيءَ سان چٽيو آهي ۽ ٻيو اها حسين تشبيهہ آهي، جيڪا ڦولهار جي مُند جي ڪڪرين سان ۽ تارن کي ٻڪرين سان ڏني ويئي آهي. جڏهن بہ رات جو آسمان تي نظر ڪندا آهيون تہ اسان کي چِلڪنا تارا چمڪندي نظر ايندا آهن، مگر انهن جي اها چمڪ اوچانڪ ڪا ڪڪري اچي ڪري مدھم ڪري ڇڏيندي آهي. تڏهن ائين لڳندو آهي ڄڻ تہ ڦولهار جي موسم ۾ ٻڪريون سرنهن جي فصُلَ کي ڳيهي رهيون هجن.

ٻئي شعر ۾ ڪائنات کي ’ڪوٺاري‘ ڪري سڏيو ويو آهي. فطرت جي جماليات ۾ ڪائنات هڪڙي اهم عنصر طور ليکي ويندي آهي. پر استاد بخاري ڪائنات کي هڪڙو ٿانءُ ڪري سڏي ٿو. پهرين ڏسجي تہ ’ڪوٺاري‘ لفظ جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ سنڌي ٻولي اختياريءَ جي آئن لائن سنڌي لغت ۾ ڪيئن آهي:

”ڪوٺاري: (جمع. ڪوٺاريون)

ث. سن. ڪوٺاريڪا . ڪوشَٹُ. سون يا چاندي ڍرگهارڻ لاءِ ڏِني وانگر ٺهيل مٽيءَ جو ٿانءُ، سونارن جي سون ڳارڻ جي ڪٽوري.

ل. ڄَڄَ ۾ ڪارڪن ورهائڻ وارو ماڻهو.

ث. فقيرن جي سامان جو نگهبان.

ڪوٺاريون (جمع): ذ. قاصد، نياپو آڻيندڙ، ريباري، سنيهو پهچائيندڙ.“ [(3)]

يعني استاد بخاري هن سڄي ڪائنات کي سون ۽ چانديءَ جي ٿانءُ سان تشبيهہ ڏني آهي، جنهن ۾ هو ڪائنات کي هڪڙي چاندي ۽ سون ڍرگهارڻ وارو ٿانءُ تو سڏي. هو چوي ٿو تہ هي ڪائنات آهستي آهستي سونَ ڳارڻ واري ٿانءُ ۾ سڄَ جي تپش ۾ ڳري رهي آهي. مگر ان جي چمڪ پوءِ بہ ان ساڳي ئي اوج تي موجود آهي.

استاد بخاري فطرت جي جماليات ۾ جهڙيءَ ريت ڪڪرن، آسمانن ۽ ڪائنات جو ذڪر ڪيو آهي تهڙيءَ ريت ان وٽ فطرت جي گلن ۽ باغن جو بيان بہ موجود آهي:

هڪ گل قطار پئنر تہ هڪ پئنر گنج گل،
هن باغ جي بهار جون ڪهڙيون ڪچيون ڪيون. [(4)]

❖

شام شفق تي تارو چمڪي، صبح ڪليءَ تي پنئرو پُٽڪي،
ڏينهن تتي جو ڳيرو ڏوٽي، منهنجو چاهہ وڌائڻ ڪارڻ. [(5)]

استاد بخاري هڪڙو مشاهداتي شاعر آهي، سندس باغيچي تي هي اييسي شعر ٻڌائي ٿو تہ هن ڪيئن فطرت جي جمال کي ويجهي کان پَسيو آهي. هو فطرتي جمال بابت سوچي ٿو تہ ڪٿي تہ هڪ گُل آهي، جنهن تي پوئنرن جي قطار آهي، هر ڪو ڪوشش ڪري رهيو آهي تہ هو گُل جو واسُ وٺي، پر ڪٿي تہ پئنر هڪڙو ۽ گُلَ هزارين آهن. هُن جي ڊاپڻ کان بہ وڌيڪ. يا فطرت جي جماليات جو ٻيو شعر ڏسو جنهن ۾ هو شام، تاري، چمڪ، صبح، ڪَلي، پئنرو ڏينهن، ڳيري، ڏوٽهي وغيره جو ذڪر ڪري ٿو. هي سڀ اهي فطرت جي جماليات جا عنصر آهن جيڪي ملي ڪري هڪڙو منظر پيش ڪن ٿا. شام ٿيندي تاري جو چمڪڻ، صبح ٿيندي ئي گلن تي پئنرن جا ڦيرا، تتل ڏينهن ۾ ڳيري جي ڳائڪي، اهي سڀ شيون استاد جي دل جي ويجهو رهيون آهن. هڪڙو ٻيو منظر ڏسو:

ٻَکي باک، بَهار ٿئي، جِهرڪين جي جهون جهون،
وِسڪي واسَ، وَرن تي، پونرا ڪن پُون پُون.

گونجي پُونءِ، گگن ۾، هستيءَ جي هُون هُون،
تنهن پر دل ۾ تون، جنهن پر جوت جهان ۾. (6)

آسمان سڄو پکين جي آوازن سان گونجي رهيو آهي. جڏهن بهار جي مند اچي ٿي، تہ پونرا گلن جي واسُ وٺڻ لاءِ گلن مٿان پُون پُون ڪن ٿا. جهرڪيون صبح جي اُس ۾ خوشبوءِ وٺڻ لاءِ جهون جهون ڪنديون پنهنجي گهرن/آکيرن مان ٻاهر نڪري اچن ٿيون. هي منظر فطرت جي جماليات جو سهڻو ڪمال آهي. پر جيئن جهرڪيون سڄ وٺڻ لاءِ صبح سوير ٻاهري نڪري اچن ٿيون. تيئن ئي سج بہ پنهنجي فطرت جي قانون تحت پنهنجي خدمت ڏيئي رهيو آهي. استاد لکي ٿو:

بکي آکيو باک، پَريان پره پَلئُہ ڪٽي:
اونداهي اڌ رات جي، لهندي جلندي لاک،
سورج ڪنئي ساک، تارا تهبارون ڪيا. (7)

ڪيڏي نہ خوبصورتيءَ سان هن منظر کي استاد بخاريءَ چٽيو آهي. جڏهن پرهہ ڦٽي ٿي ۽ سج اڀرڻ وارو آهي، جڏهن اڌ رات جي اونداهي پنهنجي اوج کي پهچي ختم ٿيڻ لڳي تڏهن ئي باک سلام ڪري ٿي ۽ پرهہ پنهنجو پلئہ ڪٽي ٿي. جنهن کان پوءِ تارا آهستي آهستي پنهنجي روشني جهڪي ڪندا غائب ٿيڻ لڳن ٿا ۽ پوءِ سج سيني کي سلامي پري ٿو. انهيءَ سلاميءَ کان پوءِ سج جو اصل ڪم استاد ٻڌايو آهي:

صبح سڄ چُميو، بخمل بدن باغ جو،
منجهند ڏاري ماڳ جي گهر گهر ڏانهن گهميو،
سانجهي ٿي تہ سمهيو، صبح ٿئي تہ سَري وري. (8)

صبح جو سج باغ جي (ٻوٽن کي) بدن کي چُمي اپري ٿو. ۽ منجهند ڏاري هو هر نندي وڏي ماڳ کان ٿيندو هر گهر کي روشني ڏيندو، سانجهي کي پهچي ٿو. ۽ پوءِ سمهي پوءِ ٿو. وري ٻي صبح ساڳي ريت سيني کي روشني ڏيئي ٿو. هي فطرت جي جماليات جو ڪاروهنوار ائين ئي صدين کان هلندو اچي ٿو. ان جي پنهنجي ئي خوبصورتي آهي.

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت جي جماليات جا اهڙا لاتعداد منظر ۽ خوبصورتيون موجود آهن. ان تي الڳ سان تحقيقي مقالو بہ لکي سگهجي ٿو. هن مقالي ۾ صرف ان جو ٿورو ئي عڪس بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

اهڙيءَ ريت استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ رڳو 'فطرت جي جماليات' ئي نہ، پر ان ۾ جماليات جا ٻيا بہ ڪيترا ئي قسم ملن ٿا. استاد بخاريءَ فطرت جي سونهن سان گڏ جسماني سونهن کي بہ گهڻو ڳايو آهي. ان حوالي سان 'جسماني ۽ سينگار جي جماليات' کي بيان ڪريون ٿا.

## استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ جسماني ۽ سينگار جي جماليات:

جيترا شاعرَ 'فطرت جي جماليات' کان متاثر آهن اوترو ئي هو انسان جي 'جسماني ۽ سينگار جي جماليات' کان بہ متاثر ٿيندا آهن. جسماني جماليات مان مُراد آهي، جسماني عضون جو حسن ۽ ان جي خوبصورتي. جڏهن تہ سينگار جي جماليات ۾ اسين انسان جي ظاهري سينگار، ڏيک ويک ۽ ان جي لباس وغيره کان متاثر ٿيندا آهيون. جسماني جماليات جو تعلق انسان جي بت جي بناوٽ سان آهي. جڏهن تہ سينگار جي جماليات محبوب جي هارَ سينگار ۽ ان جي اوصاف وغيره جي جمال سان آهي.

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي ٻنهي قسمن جي جماليات جا عڪس ملن ٿا. جنهن ڪري هتي انهن جو ذڪر ڪريون ٿا.

هيٺين شعرن ۾ استاد بخاري محبوب جي جسماني ۽ سينگار جي جماليات جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

خواب تو واري جي خوشبو اچ بہ منهنجي من ۾ آ،
باغ جي هٻڪار هوندي واءَ جي جهلڪن ۾ آ.

چنڊ جو چمڪو، گلن جي مهڪ، چقمق جي ڪشش،
دلڪشيءَ جو ڪيڏو سهڻو سلسلو سهڻن ۾ آ. (9)

چنڊ جو چمڪو، گلن جي مهڪ، چقمق جي ڪشش، محبوب جي خوشبو. اهي سيئي شيون تہ محبوب جي سينگار جي جماليات آهن. يعني محبوب جي سهڻي يا دلڪش هجڻ ۾ رڳو ان جو پنهنجو حُسن ئي نہ بلڪ ان ۾ ٻين ظاهري شين جي بہ اوتري ئي اهميت آهي. ۽ محبوب جي خوشبوءِ بہ ائين ئي آهي، جيئن باغ جي خوشبوءِ هوا سان گڏ باغ ۾ گهمندي رهندي آهي. ڪٿي وري محبوب جي گفتگو جي جماليات ڏسو:

گفتگو ماکي بہ آ مصري بہ آ ڪِشمش بہ آ،
ڪُل مِٺاڻن جو مزو تنهنجي مِٺن گفتن ۾ آ. (10)

سونهن تنهنجي سنگيت جهڙي آ،
گفتگو، لوڪ گيت جهڙي آ. (11)

هر شاعر لاءِ محبوب هونئن ئي مِٺيون ڳالهيون ڪندڙ هوندو آهي. جسماني جماليات ۾ محبوب جي گفتگو ان جي چپن منجهان نڪرندڙ آواز ۽ ان آواز جي مِٺاس هميشہ ئي ڳائي ويئي آهي. استاد بخاري بہ محبوب جي گفتگو کي ماکي، مصري ۽ ڪِشمش سان ڀيٽي ڇڏيو آهي. محبوب جي ظاهري حُسن ۽ ان جي جمال ۽ ڪمال کي استاد 'سنگيت' ڪوٺي ٿو، ۽ ان جي گفتگو ڪنهن سريلي 'گيت' جهڙي سمجهي ٿو. پر هو محبوب جي جسماني جمال لاءِ چوي ٿو:

بدن بهشت، نظر نور، قد قيامت جو،
اهو شباب ڪڏهن خواب ۾ ڏٺيو هوندو. (12)

هڪڙي پاسي استاد بخاري محبوب جي گفتگو کي ماکي، مصري ۽ ڪِشمش جهڙن استعارن سان متعارف ڪرائي ڪمال ڪري ڇڏي ٿو تہ ٻئي پاسي هو جسم جي هر انگ کي الڳ الڳ انداز سان پيش ڪري شباب بيان ڪري ٿو. جنهن ۾ هو بدن کي بهشت، نظر کي پُرنور، قد کي قيامت جهڙن اصطلاحن جي لباس ۾ ويڙهي جسماني جماليات کي سامهون رکي ٿو. يا ڪٿي تہ هو سينگار جي جماليات ۾ نقاب جي ڳالهہ ڪندي ڏسجي ٿو:

ڪڇي ٿو سونهن جي منهن تان نقاب آهستي آهستي،
اچي ٿو عشق جي گهرِ انقلاب آهستي آهستي. (13)

نقاب هر شاعر جي شاعريءَ جو اهم رُڪن يا موضوع هميشہ رهيو آهي. پر اهو سينگار جي جماليات جو خوبصورت عنصر آهي. استاد بخاريءَ وٽ جيترو جسم جي جماليات جو چَسُ آهي اوترو ئي هو 'سينگار جي جمال' کي اهم سمجهي ٿو. هُن جا ڪيترائي شعر سينگار جي جماليات سان ڀرپور آهن. جيئن ڏسو:

ديد گلابي دلبر تنهنجي، مُرڪ چنبيلي، ماشاءَالله!
نازڪ انگڙا، ريشم ڪپڙا، دل پٿريلي، ماشاءَالله!
طرحين رنگ طبيعت تنهنجي، دنيا وانگر دورَ نيارا،
ڪٿ نخريلي، ڪٿ اربيلي، ڪٿ شرميلي، ماشاءَالله! (14)

تنهنجي سينگار محفل کي گلشن ڪيو،
بُوءِ ڳائڻ لڳي، رنگ جهومي پيا. (15)

جنهن جي وڳن جي خوشبو تي ڪنهن کي نور بخشي،
سو حسن عام سامهون ٿيو تينوار آهي.
منهنجي چپن جي خواهش آهي ڪٽڻ ورهائي،
تنهنجي لبن تي سرخيءَ جو ڪجهه ته بار آهي. (16)

مٿين سيني شعرن ۾ ڪيترو نه سهڻي انداز ۾ سينگار جو ذڪر موجود آهي. محبوب جي لبن تي سرخي، ريشم ڪپڙن تي خوشبوءِ، ديد جو گلابي هجڻ، نخريلي، اربيلي ۽ شرميلي ايڏي جو سڄي محفل کي روشن ڪري ڇڏي.

اهڙيءَ ريت استاد بخاري وٽ 'جسماني جمال ۽ سينگار جي جمال' جا ڪيترائي مثال موجود آهن. ان جي شاعري انهن مثالن سان ڀرپور آهي. ان تي الڳ سان تحقيق ڪري سگهجي ٿو. استاد بخاري فطرت جي جماليات، جسماني جماليات ۽ سينگار جي جماليات سان گڏ 'سِڪ ۽ درد جي جماليات' کي به خوب ڳايو آهي.

### استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ سِڪ ۽ درد جي جماليات:

هڪڙي پاسي جماليات خوبصورتي، حُسن، سونهن ۽ هر ان شئي جي مسرت جو سبب آهي، جنهن جو تعلق خوشيءَ سان محسوس ٿئي ٿو ته ٻئي پاسي ان جو هڪڙو ٻيو رُخ به آهي. جنهن ۾ پُورَ ۽ سورَ جو جمال آهي. جنهن ۾ ڪا به راحت نه آهي. جنهن ۾ حُسن، سونهن ۽ خوبصورتي ته آهي، پر اها درد جي، غم جي، ڏک جي، اذيت جي، ۽ ان پيڙا جي آهي، جيڪا ان درد جي جمال مان حاصل ٿئي ٿي.

اهڙيءَ طرح استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ اها درد جي جماليات به جهجهي انداز ۾ موجود آهي. جڏهن ته سِڪ جي جمال ۾ ماڻهو وري انتظار ۾ ئو پچري، جتي نيڻ نهاريندا رهن ٿا. استاد لکي ٿو:

زندگيءَ جي سرخروئي ڪجهه ته منهنجي سِڪ ۾ آ،
ڪجهه ته تنهنجي ريشمي ميندي رتن هٿڙن ۾ آ. (17)

ڪٿي سِڪ درد ڀرئي لهجي سان بيان ڪيل آهي. جنهن ۾ زندگيءَ رڪجي رڪجي ساهه کڻندي نظر اچي. جڏهن محبوب جي هٿن تي ميندي لڳل هجي، ته اها سِڪ سرخروئي پائنجي. يا ڪٿي اڪيلائيءَ جي اوندهه کي ڏسو:

هي هيڏي اڪيلائي، هي هيڏي اداسائي،
اونداهه جي ساگر ۾ ويساهه ٻڏي ٿو. (18)

اندر جي اوندهه ۽ اڪيلائي گهري سمنڊ جهڙي ٿيندي آهي. اها پيڙ جي الڳ ڪيفيت آهي. جنهن ۾ درد گهرو، اونهو ۽ ڏکھو محسوس ٿئي ٿو. ڪٿي وري سِڪ ۾ ماڻهو پاڻ سينگاري ٿو:

روز سينگار جان ٿو ائين جڻ ته سهڻو اِجهو ٿو اچي،
درد دل مان ڪڙا ٿو ڪيان، جو ته منهنجو مِنو ٿو اچي.

خوبصورت نظارا ڪنيون، ڪهڪشان، چنڊ، تارا ڪنيون،
سونهن جا روپ سارا ڪنيون، ديد جو دادلو ٿو اچي. (19)

رڳو محبوب اچي ڪافي آهي. پر هو ته پاڻ سان ڪهڪشائون، چنڊ ۽ تارا ڪنيون اچي ٿو. اِها سِڪ پوري ٿيڻي آهي. جنهن ڪري مان پاڻ سينگاريان ٿو. ۽ ائين ئي دل جو درد به دور ٿي سگهي ٿو. جتي محبوب جي اچڻ جي سِڪ ۽ چِڪ آهي. اتي ان جي وڇڙڻ جو درد به موجود آهي. اهو درد جمالياتي انداز سان نڪري ٿو پوي.

يار جڏي ويا چا ٿو سوچين، پنهنجو پاڻ به جڏٽو پوندو،
لوءِ لوءِ ڪارڻ سِڪ سڏڪين ٿي، لئن لئن مان به لڏٽو پوندو.
چم چم ۾ هي غم جو نغمو، توڪين ٿو تون ڪوڪ ڪيم چو،
ڪو جو ڏنگ لڳي ٿو گهرو، تورو چرڪ ته پرٽو پوندو.[20]

درد پنهنجي جمال کي ٿي تڏهن پهچي ٿو. جڏهن ان ۾ وڇوڙو به ان جي حد کي پهچي. جڏهن لونءُ لونءُ مان سِڪ چلڪي چاٽ ڪري نڪري، تڏهن هڪڙو سُڏڪو آهه ٿي نڪري ٿو پوي. ۽ اهو غم هڪڙي وچوڙي جي صورت ۾ محسوس ٿيڻ لڳي ٿو. پوءِ هڪڙو غم جو نغمو دل مان سَٽ وانگر اپري ٿو، جنهن ۾ چم چم چير جو ردم ۽ درد جو رقص هوندو آهي. هڪڙي ڪوڪ، هڪڙو ڏنگ ۽ هڪڙو چرڪ پيري درد جي جمال کي ماٺهو محسوس ڪري ٿو. پر بِئي پاسي استاد وٽ سِڪ پنهنجي اوج کي نظر اچي ٿي:

تنهنجي آئي چين ڪٿي آ؟ انگ انگ آ بي چين،
پر جي وچڙي لوچ بچين ٿو، پو ته صفا بي چين.
تاٹڻ، تڙپڻ مون تي لازم، نازڪ، توتي ناهه،
درد، دوا لئه بي چين آهي، ناهه دوا بي چين.[21]

دوا کي ڪهڙو چين ٿي سگهي ٿو. اهو ته درد آهي، جنهن کي دوا لاءِ بي چيني رهي ٿي، ائين ئي معشوق فراق ۾ تڙپي يا لُڇي اهو ته ان لاءِ لازمي ڪٿي آهي. بلڪ اِهو ته عاشق آهي، جيڪو لڇي پچي ٿو ۽ بيقرار رهي ٿو جيڪو سِڪ ۾ پچري ٿو. بِئي شعر ۾ سِڪ ڏسو:

سڏي سِڪ، دِکي دل، سَري ڪانه ٿي،
رنيي ڦر، لچي ڳئون، چَري ڪانه ٿي.
رئڻ سان نه ٿي پيڙ پگهري ڏنم،
ته پاٽيءَ ۾ پٽري ڳري ڪانه ٿي.[22]

ائين ڪٿي ٿي ڪونهي ته ڪو رئڻ سان ’پير‘ ختم ٿئي. بلڪ ان جو ڪم به ساڳيو ئي رهي ٿو. جيڪو پاٽيءَ ۾ پٽريءَ جو آهي. جنهن تي زنگ ته چڙهي ٿو، پر ڳري ختم نه ٿيندي آهي. وري بيو خوبصورت اصطلاح ته ڏسو جنهن ۾ سڪ کي سڏڻ جي ڳالهه به آهي ته اتي ئي ياد بابت درد به آهي. بِئي پاسي استاد ميهار جيئان سِڪ ۾ لچندي ڏسو:

ڪنهن ڪنهن ڏينهن ته ايندي ڪر تون،
نئون نئون روح پريندي ڪر تون.
ميهر وانگر مان ٿو تڙپان،
سهٽي تي سوچيندي ڪر تون.[23]

سِڪ جي جمال جو اهو ڪمال ئي آهي جو ان ۾ معشوق کي ڪنهن وڏن رومانوي داستانن يا قصن وارن ڪردارن سان عاشق تشبيهه ڏيئي پنهنجي ياد بابت ڏيان ڇڪائيندو آهي. مٿين شعر ۾ به استاد بخاري سهٽي ميهار جو مثال ڏنو آهي. ته ڪيئن ميهار ان جي ياد ان جي سِڪ ۾ تڙپندو آهي. تون به ڪڏهن سهٽيءَ وانگر ملڻ لاءِ ايندي ڪر. جتي استاد بخاري سِڪ جي جمال ۾ ميهار جهڙي ڪردار جو حوالو ڏيئي ٿو، اُتي هو درد جي هڪڙي ڪيفيت ’بُڪ‘ کي به بيان ڪري ٿو:

وڏو چار دنيا وڃائي چڏيو آ،
بڪئي پيٽ رهندو وڃائي چڏيو آ،
پيئڻ لاءِ پاٽي، چڳڻ لاءِ چوڳو،
قفس جي ڪُپن ۾ رڪائي چڏيو آ.[24]

درد جي سڀ ڪان ڏُکي ۾ ڏکي ڪيفيت غربت ۽ پوءِ اجا بہ ڏُکي ڪيفيت ’بکيو پيٽ‘ آهي. انسان کي جي ڪائڻ لاءِ ڳيو ٽڪر بہ نہ هجي ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي بہ نہ هجي، تہ پوءِ ان کان بيو وڏو ڪهڙو درد ٿي سگهي ٿو؟ استاد بخاري ان پيڙا کي بہ طنز جي جمال سان پيش ڪري ٿو. هو دنيا جي فريب ۽ دوکي کان بہ واقف آهي پر ’بُک‘ ماڻهوءَ کي واقعي ئي وڃائي ڇڏي ٿي. اها پيڙا بہ پنهنجي پاڻ ۾ هڪڙي قيد آهي.

استاد بخاري جديد سنڌي شاعريءَ جي صف ۾ هڪڙو اهم شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ اندر ڪيترائي ڪمال جا موضوع سمايل آهن، انهن ۾ سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ وطن دوستيءَ کان علاوه ادب جا جديد رجحان، لاڙا ۽ تحريڪون پڻ شامل آهن. تنهن ڪري استاد بخاريءَ جي شاعريءَ تي تحقيقي انداز ۾ ڪم ڪرڻ جي گنجائش تمام گهڻي موجود آهي، پر هن مقالي ۾ اها ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي جمالياتي پهلوئن تي روشني وڌي وڃي.

## حوالا


1. بخاري، استاد، ’ڏوڙ دل تي درد جي‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 12.
2. بخاري، استاد، ’گلدستي ۾ گيت‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1999ع، ص: 14.
3. https://dic.sindhila.edu.pk/index.php?txtsrch=%DA%AA%D9%88%D9%BA%D8%A7%D8%B1%D9%
4. ساڳيو، ص: 51.
5. ساڳيو، ص: 86.
6. بخاري، استاد، ’ڪوڪ يا ڪلياڻ (بيت ۽ وايون)‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 28.
7. ساڳيو، ص: 74.
8. ساڳيو، ص: 47.
9. بخاري، استاد ”گلدستي ۾ گيت“ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1999ع، ص: 60.
10. ساڳيو، ص: 60.
11. ساڳيو، ص: 19.
12. ساڳيو، ص: 35.
13. ساڳيو، ص: 52.
14. ساڳيو، ص: 66.
15. ساڳيو، ص: 81.
16. ساڳيو، ص: 84.
17. ساڳيو، ص: 60.
18. ساڳيو، ص: 90.
19. ساڳيو، ص: 61.
20. ساڳيو، ص: 135.
21. ساڳيو، ص: 77.
22. ساڳيو، ص: 78.
23. ساڳيو، ص: 80.
24. بخاري، استاد، ’لهر لهر درياهہ‘، سنڌڙي ڪتابي سلسلو، رتوديرو، 1990ع، ص: 17.